# ڊاڪٽر ڪرتار لالواڻي

سماج سيوڪ ۽ داني
ڊائريڪٽر، ويٽا بائوٽڪس (U.K.)




Dr. Kartar Lalwani
Ph.D.
Director, 'VITABIOTICS', U.K.
Businessman & Philanthropist

سنڌي ٻوليءَ جي سرتاج شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي ۾ 'سُر سامونڊي' هڪ پورو سُر آهي: ان ۾ سنڌين جي سڀيتا ۽ تهذيب جي اُها شاندار تاريخ آهي، جنهن جي لفظ لفظ ۾ هنن جي محنت، علم ۽ عقل کي بيان ڪيو ويو آهي. صدين جي پس منظر ۾ سنڌين جي تاريخ اِن ڳالهه جو کليو کُلايو ذڪر ٿي ڪري، ته سنڌي ماڻهو پنهنجو گوڏو گوڏي تي چاڙهي تقدير تي تهمتون مڙهڻ بدران ڪرم سان قسمت بدلائڻ ۾ وشواس رکن ٿا. جڏهن چند ميلن جو سفر به هڪ للڪار هوندو هئو: تڏهن سنڌي ماڻهو پنهنجو گهر ٻار ڇڏي مال جا غوراب ڀرائي هزارها ميلن جو سفر طئه ڪندي ڌرتيءَ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچي واپار وڌائيندا رهيا.

ان لحاظ کان سنڌي ماڻهو ڌرتيءَ جي جاگرافيائي حصن جي هر خاني اندر، جتي ڪٿي سمايا پيا آهن. هوُ جتي به وسيا، اُتي هنن ڌنڌي واپار ۾ ته پاڻ موکيو، پر ان سان گڏوگڏ پنهنجي سچائي ۽ وهنوار سبب هرهنڌ اِنتهائي عزت ماڻيندا رهيا.

هڪ اَهڙي ئي شخصيت آهي **ڪرتار لالواڻي**، جنهن اِنگلنڊ ۾ وڃي پنهنجو ديرو ڄمايو ۽ سنڌين جو ڳاٽ اوچو ڪيو!

**جوَهراڻي:** **مسٽر ڪرتار! سڀ کان پهرين اِهو ٻڌائيندا ته اَوهين سنڌ جي کهڙي حصي سان وابسته آهيو؟**

**ڪرتار:** منهنجا وڏا ڪراچيءَ ۾ ئي رهندڙ هئا. مون به ۱۹۳۱ع ۾ ڪراچيءَ ۾ جنم ورتو.

**جوَهراڻي:** **اَوهان جي خاندان جو اُتي ڪهڙو ڪاروبار هئو؟**

**ڪرتار:** منهنجو ڏاڏو ريلوي ۾ هئو. منهنجي پتا صاحب کي 'J. Tirath & Co' جي نالي Chemist Shop هئو، جيڪو هُن ۱۹۲۰ع ۾ شروع ڪيو هو. ۱۹۳۵ع ۾ بزنس ايترو وڌي ويو، جو هن Manufacturing به شروع ڪئي. مان ڪراچيءَ ۾ ماڊل هاءِ اِسڪول ۾ پڙهندو هوس. ورهاڱو ٿيو ته بامبي آياسين، جتي مون سنڌ پريميئر هاءِ اِسڪول مان مئٽرڪ پاس ڪئي ان کان پوءِ وڌيڪ پڙهائي لاءِ مون جئه هند ڪاليج جائن ڪيو.

**جوَهراڻي:** **توهان سنڌ مان ڪڏهن لڏپلاڻ ڪئي؟**

**ڪرتار:** ۱۹۴۷ع ۾ ٻين سنڌين سان گڏ اَسين به هليا آياسين. جئه هند ڪاليج کانپوءِ مون اَحمدآباد مان فارمسيءَ جي ڊگري حاصل ڪئي. ان بعد لنڊن مان وڌيڪ پڙهي، بان (جرمنيءَ) مان Ph.D. ڪري ورتي.

**جوَهراڻي:** **توهان ڊاڪٽوريٽ ڪهڙي وشيه ۾ ڪئي؟**

**ڪرتار:** مون 'Pharmaceutical Chemistry' ۾ ريسرچ ڪئي آهي.

**جوَهراڻي:** **سنڌ مان لڏپلاڻ دوران سيني سنڌين کي ڪجهه نه ڪجهه ڌرم رسيو. توهان تي به اُن جو ڪجهه بُرو اَثر ٿيو ڇا؟**

**ڪرتار:** ٿيو ضرور! پر ايترو گهڻو نه! آخر اَسين به سڀ ڌنڌا واپار وغيره ڇڏي آياسين. خاص ڪري اَسان سِکن کي ته اُتي وڌيڪ خطرو هئو. تنهن لاءِ اَسين جلدي نڪري آياسين. جيئن ئي پنجاب مان Muslim Refugees ڪراچيءَ آيا، ته پهريون خطرو سِکن کي ئي هئو.

''We left early, leaving every thing behind!''

**جوَهراڻي:** **هندوستان ۾ اَچڻ سان توهان پهرين ڪٿي اچي رهيا؟**

**ڪرتار:** بمبئيءَ ۾ ڪولابا ۾ اَچي رهياسين. منهنجي پتا ڪجهه Savings اَڳوات ئي هتي موڪليون هيون، جنهن مان ڪولابا ۾ فليٽ ورتوسين. اُتي رهياسين.

**جوَهراڻي:** **جڏهن توهين هتي پهتا، تہ هندوستان ۾ رهندڙ ٻين سنڌين توهان جي ڪجهہ مدد ڪئي؟**

**ڪرتار:** اُنهن Morally مدد تہ ضرور ڪئي. نانڪ موٽواڻيءَ سيني سنڌين کي پئي Welcome ڪيو. ٻيا بہ سنڌي بامبي ۾ United هئا؛ پر لڏي آيل سنڌين کي ٻي وڏيڪ ڪا خاص مدد ڪونہ ملي! جيتوڻيڪ هندوستان جي آزاديءَ لاءِ سنڌين بہ Sacrifice ڪيو هئو

They did real sacrifice !

ڏاڍي اَفسوس جي ڳالهہ آهي تہ سنڌين لاءِ ايترو ڪجهہ خاص ڪونہ ڪيو ويو! هوُ پنهنجي محنت سان اَڳيان وڌيا آهن!

**جوَهراڻي:** **سنڌ ڇڏڻ مهل اَسان جي اَڳوانن جيڪي اَسان سان واعدا ڪيا؛ ڇا اُهي سڀ نڀايا ويا؟**

**ڪرتار:** ايڪڙ ٻيڪڙ نڀايو هوندائون! باقي ٻيو ڪجهہ نہ! مان سياست ۾ اُن مهل بہ ڪافي Active هوس. مان هتي بامبي ۾ آيس تہ سورهن سالن جو هوس. آءٌ اَخبارون وغيره سڀ پڙهندو هوس. اَسين ڪولابا مان خاص ڪلياڻ ڪيمپ ويندا هئاسين، تہ جيئن ڏتڙجي آيل سنڌين جي ڪجهہ مدد ڪري سگهجي.

**جوَهراڻي:** **اُن وقت جي ڪا ياد توهان جي ذهن ۾ آهي تہ سنڌين اُنهن Refugee Camps ۾ ڪيئن جيون گذاريو؟**

**ڪرتار:** سنڌين کي ملٽريءَ جي انهن پراڻين بئرڪن ۾ رهايو ويو هو، جيڪي هيڻئين طبقي لاءِ نااهيل هيون. مون پاڻ وڃي ڏٺو تہ هنن جي بيحد خراب حالت هئي. ڏاڍي غريبي پئي نظر آئي. پوري هندوستان ۾ سڀ کان اَيڊوانس جاتي هيڻئن دربدر ٿيندي بہ محنت ڪندي رهي. ان مهل تہ پارٽ ۾ پنجويه سيڪڙو Literarcy مس هئي؛ پر سنڌي جاتي پنجانوي سيڪڙو پڙهيل هئي!

''We were the real sufferers ! Completely uprooted ! ''
اَسان کي پنهنجين جَڙُنِ کان ئي اُکوڙيو ويو هئو.

**جوَهراڻي:** **توهان لنڊن ڪڏهن ۽ ڪيئن پهتا؟**

**ڪرتار:** مان ننڍي هوندي اُتي پڙهڻ ويو هوس. مون سمجهيو تہ پڙهي موٽي ايندس ۽ اَچي پنهنجي پتا صاحب جي دوائن جي فيڪٽريءَ تي ويهندس؛ پر اُتي جڏهن مون جرمنيءَ مان Ph.D. ڪئي؛ تڏهن مونکي وڏيڪ ريسرچ جو شوق ٿيو، جنهن ڪري مونکي اُتي رهڻو پيو. ڪجهہ وقت کان پوءِ منهنجو ننڍو ڀاءُ بہ اُتي آيو. منهنجا Parents بہ ٦٣-١٩٦٢ع ۾ فيڪٽري وڪڻي لنڊن شفٽ ڪري آيا.

**جوَهراڻي:** **اَڃا تائين بمبئيءَ ۾ توهان جو ڌنڌو واپار آهي؟**

**ڪرتار:** لنڊن ۾ جڏهن اَسان جو دوائن جو ڪاروبار هليو؛ تڏهن مان پهريون سنڌي هوس، جنهن اُتي ١٩٦٥ع ۾ دوائن جو ڪم شروع ڪيو هو. ١٩٧٠ع ۾ اَسان نائجيريا ۾ بہ اُهو ڪم شروع ڪيو. ١٩٨٠ع ۾ وري بمبئيءَ ۾ اَچي فيڪٽري وڌيسين.

**جوَهراڻي:** **اَوهين ڪهڙين بيمارين جي علاج لاءِ دوائون ٺاهيو ٿا؟**

**ڪرتار:** اَسان جهڙيون ڪيتريون دوائون ٻيا بہ ٺاهين ٿا؛ پر اِنڊيا ۾ اَسان جو پهريون Cough Syrup هئو، جيڪو Sugar Free هئو. Diabetic بہ وٺي سگهن. Antacid بہ اَسان پهرين Sugar Free ٺاهي. نہ تہ اُن ۾ پهرين Aluminum وجهندا هئا، جيڪو صحت لاءِ خراب هوندو هئو. منهنجي پهرين Antacid هئي، جنهن ۾ اُهو Aluminum ڪونہ وڌو ويو؛ ڇو تہ اُن جو Brain تي بہ خراب اَثر پوي ٿو تہ Sex تي بہ اَثر ٿئي ٿو!

ٻيون اَهم دوائون اَسان جون Vitamins آهن طاقت لاءِ؛ جيئن ماڻهو Health ۾ Improve ڪري تہ بيماريون ئي نہ ٿين. لنڊن ۾ منهنجون پندرهن کن دوائون آهن. جن مان ڇهہ تہ لنڊن ۾ بہ نمبر ون ليڪيون ويندڙيون آهن.

**جوهراڻي:** **توهين جيڪي دوائون ٺاهيو ٿا، ڇا اُن جي مارڪيٽنگ لنڊن ۾ به ڪندا آهيو؟**

**ڪرتار:** ها! اَسان لنڊن ۾ به پندرهن Products شروع ڪيا هئا. انهن مان بمبئيءَ جون پنج ڪن Products آهن. اسان جون اُتي ويهه پنجويهه ٻيون به Local Products آهن، جيئن Cough Syrup آهي. پر هڪ هڪ ۾ اَسان جي نئين آئيڊيا هوندي آهي. لنڊن ۾ اَسان جون ڇهه دوائون نمبر ون آهن. Bone , Pregnancy جي ڪيلشيم، Hair ۽ Skin لاءِ آهن. اُهي سڀ دوائون گورنمينٽ طرفان

Officially Recognized No.1 in U.K آهن. اَسان کي اُنهن لاءِ اَوارڊ مليو آهي

'Queen's Award For Excellence!'

**جوهراڻي:** **اَوارڊ جي ڳالهه نڪتي آهي ته اَوهان کي ٻيا ڪهڙا اَوارڊ مليا آهن!**

**ڪرتار:** هڪڙو اَوارڊ مليو 'Business Leadership' ۽ ٻيو 'Science' جو. مون کي Science Award سائنس منسٽري کان مليو هو! منهنجي هڪ دوا H.I.V. Aids ۾ نمبر ون آهي. اُن کي اُتي لنڊن ۾ گورنمينٽ هاسپيٽل ۾ Test ڪيو ويو هئو. ٽي سال لڳاتار Trial کان پوءِ جڏهن Result نڪتي ته

''It made world news in Aids - Journal!''

**جوهراڻي:** **ڇا اُن دوا سان ايڊس جهڙي نگري بيماري روڪي سگهجي ٿي؟**

**ڪرتار:** ان سان ايڊس Slow ٿي سگهي ٿي! جسم کي طاقت به ملي ٿي، جيئن بيماريءَ سان مقابلو ٿي سگهي!

"So that body can fight back. It was discovered by the Government."

جيڪا گورنمينٽ هاسپيٽل ۾ Trial ڪئي ويئي هئي؛ اُن جو خرچ ٽي سورهن ڪروڙ هئو. اُهو 'Nestle Foundation' وارن ڪيو. جڏهن Trial ٿيندي آهي تڏهن Product جو نالو ڪونه ڏنو ويندو آهي، پر هنن اَسان جي Product جو نالو به وڌو هئو، ڇاڪاڻ ته اها نهايت

ئي اَثردار هئي. ٻين اَوارڊس ۾ 'Asian of the Year' ٻہ سال اَڳ مليو . منهنجو پٽ بہ آڪسفورڊ ۾ Scientist آهي.

''He is the Youngest Professor in Medicine at Oxford and Head of T. B. Department''

هن .T.B جي بيماريءَ تي ريسرچ ڪئي هئي. اُن تہ مون ڪان بہ گهڻو اَڳيان وڃي بلڪل World News بڻائي ڇڏي. .T.B ڊائگنوس ڪرڻ جي خبر B.B.C. News تي ڏينهن ۾ ڏہ ڀيرا ڏيکاري ويئي. ان کي گذريل هفتي اِنڊين هاءِ ڪميشن، لنڊن طرفان 'Scientist of the Year' اَوارڊ ڏنو ويو.

**جوَهراڻي: ٻاهرين دنيا جا ماڻهو اُتي سنڌين کي ڪهڙي نگاه سان ڏسن ٿا ۽ ڪهڙي عزت ڏين ٿا؟**

**ڪرتار:** تمام سٺي نموني سان ڏسن ٿا! سنڌين جي تهذيب، رهڻي ڪهڻي، ڏنڌي ۽ واپار جي قابليت وغيره. اُتي هڪ سنڌي تہ Head of Medical Association بہ آهي. سنڌي اُتي چڱي عزت ماڻي رهيا آهن!

**جوَهراڻي: اَسان جا پرڏيهي سنڌي؛ جيڪي ٻاهرين ملڪن ۾ وسيل آهن، اُهي ڀارت جي سنڌين لاءِ ڇا ٿا محسوس ڪن؟**

**ڪرتار:** ڀارت جي سنڌين لاءِ هنن ۾ ڏاڍي سڪ آهي! هينئر اُلهاس نگر ۾ جيڪو جڳهين ڊهرائڻ جو مسئلو ٿيو، اُن جو اَثر بہ پوري ورلڊ جي سنڌين تي پيو . جتان ڪتان E-mails اَچي رهيون هيون. پلو ٿئي رام جيٺملاڻي صاحب جو؛ جنهن مهل تي اَچي مدد ڪئي!

''A Selfless Person .Very Sacrificing Nature.
He is also most popular among Sindhis.''

**جوَهراڻي: توهان لنڊن ۾ سنڌي ٻولي ۽ سڀيتا جي وڪاس لاءِ ڪي سنسٿائون جوڙيون آهن؟**

**ڪرتار:** مکيہ سنسٿا جيڪا لنڊن ۾ آهي، اُها آهي

'Sindhi_Association of U.K.'، ٻين آهي 'Sindhi Nari Sabha' . اِهي ٻيئي سنسٿائون پنجويهہ ٽيهہ سالن کان ڪم ڪن پيون!

**جوَهراڻي: انهن سنسٿائن جو مکيہ ڪاريہ ڪهڙو رهيو آهي؟**

**ڪرتار:** اُتان جي هندوستانين ۾ سنڌي سڀيتا ڪي Promote ڪرڻ. اَسين اُنهن جي پروگرامن ۾ پارليامينٽ ميمبر بہ گهرائيندا آهيون. ان لاءِ اَسين بيحد دل سان محنت ڪندا آهيون. جيتوڻيڪ مون کي اُتي سِکُ سمجهندا آهن، سنڌي ڪونہ سمجهندا آهن! پوءِ بہ مان انهن کي پاڻ سنڌين بابت ٻڌائيندو رهندو آهيان تہ ''We are most cultured People''
سنڌي پنهنجي وهنوار ۾ بہ بلڪل سڌا آهن.

**جوَهراڻي: ٻاهرين ملڪن ۾ رهڻ ڪري ٻارن جي شادين وغيره لاءِ ڪي تڪليفون يا ڪجهہ ٻيو اَثر پيو آهي ڇا؟**

**ڪرتار:** اَسين شاديون گهڻي ڀاڱي هتي هندوستان يا دبئيءَ ۾ ئي اَچي ڪندا آهيون. جاپان ۾ بہ سنڌي رهن ٿا تہ اُتي بہ شاديون ٿينديون آهن. پنج سيڪڙو سنڌي ماڻهو مس ٻاهرين قومن ۾ شاديون ڪندا آهن.

**جوَهراڻي: توهان ڪيترين سنسٿائن کي مدد ڪئي آهي؟ انهن ۾ ڪهڙيون اَهم آهن؛ جن جو ڪاريہ اَوهين پسند ڪريو ٿا؟**

**ڪرتار:** منهنجو اَهم ڪم تہ اِنگلنڊ ۾ ٿيندو رهندو آهي! ٻيو اَسين 'International Sindhi Sammelan' ڪندا آهيون تہ جيئن سنڌين ۾ سنڌيت لاءِ سجاڳي اَچي. لنڊن ۾ تہ ڏياريءَ جو ڏڻ، چيٽي چنڊ جا ميلا وغيره پڻ هميشه ريگيولر ٿيندا رهندا آهن. اُتي سنڌين جي پاڻ ۾ ڏاڍي محبت ۽ ٻڌي آهي.

**جوَهراڻي: توهين سنڌي سِکَ آهيو! گرو گرنٿ صاحب جي فلاسافيءَ ۾ اَوهان جو وشواس آهي! گرو گرنٿ صاحب جي واڻي اَسان کي ڇا ٿي سيکاري؟**

**ڪرتار:** 'Sikhism' پنجاب کان ٻاهر گهڻي ڀاڱي سنڌ ۾ ئي پهتو. ماڻهو پڇندا آهن تہ اِئين ڇو ٿيو. اهو اِن ڪري، جو سنڌي ماڻهو سياءَ ۽ ڪلچر ۾ ' گرو گرنٿ صاحب' جا صحيح نمونا پوئلڳ آهن. گرو گرنٿ صاحب جي فلاسافي ۽ شاه لطيف جي فلاسافيءَ ۾ ڪو

فرق ئي نٿو نظر اَچي!
''That helps Sindhis to understand Guru Nanak immediately!''

**جوَهراڻي:** **سنڌين ۾ سِکَن جو هميشه اِهوعقيدو رهيو آهي ته ڀائيچاري سان رهجي! گرونانڪ ۾ شاهه ڀٽائيءَ ٻنهي اُهو ئي پيغام ڏنو!**

**ڪرتار:** ان ڪري ئي سنڌ ۾ Sikhism کي Exposure مليو!

**جوَهراڻي:** **ڀارت جي سنڌين ۾ هينئر ڪو به مضبوط اڳوان ڪونهي. ڇا توهين اِهو محسوس ڪيو ٿا؟**

**ڪرتار:** تمام اَفسوس جي ڳالهه آهي، ته اَسان کي هرهنڌ بزنس ۾ ڪلچر ۾ اَڳيان هوندي به صحيح ليڊرشپ ڪونه ملي آهي. هڪڙو رام جيٺملاڻي آهي، جنهن ڏاڍيون قربانيون ڪيون آهن. ان جي روزانه ڪورٽ جي في ڏهه لک آهي ، پر ڪيترن غريبن لاءِ مفت شيوائون ڏيندو آهي. گپت دان به ڪيترو ئي ڏيندو رهندو آهي.
I think, every Sindhi will be proud of him!

**جوَهراڻي:** **ڪجهه وقت اَڳ سموري دنيا جي سنڌين کي گڏ ڪرڻ لاءِ هڪ تحرڪ هليو هئو. ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟**

**ڪرتار:** بلڪل رام ! ان لاءِ رام جيٺملاڻيءَ هڪ سنسٿا به ٺاهي آهي 'گلوبل سنڌي ڪائونسل'! اهو هڪ سنو قدم آهي.

**جوَهراڻي:** **توهين سمجهو ٿا ته ورلڊ جا سنڌي ان منجهه دواران هڪ هنڌ گڏ ٿيندا؟**

**ڪرتار:** اُميد تمام گهٽي آهي! ڇو ته جنهن شخص اُها برپا ڪئي آهي، اُهو پاڻ انتهائي بيغرض آهي! هن کي پنهنجي لاءِ ڪو سوارٿ ئي ڪونهي. ان لاءِ اها سنسٿا ضرور هلندي ؛ جنهن جي گهڻي وقت کان ضرورت هئي. سنسٿا ٺهڻ ۾ دير به اِن ڪري ٿي آهي، جو رام جيٺملاڻي به پاڻ اَڳيان ڪين ايندو آهي. هيءُ ته اَسين جڏهن توهان جي طرفان سڏايل سميلن ۾ ڀارت آياسين، ته سڀني گڏجي هن کي عرض ڪيو ته
''Please make an Association and lead us!''

**جوَهراڻي:** **موجهده حالات ۾ ڇا صرف اهي سنڌي سميلن اَسان جي ٻوليءَ**

**ڪي ٻچائي سگهندا يا ٻوليءَ جي ٻچاءَ لاءِ ٻيو ٻه ڪجهه ڪرڻ ڪپي؟**

**ڪرتار:** ڪجهه ته اثر ٿيندو! سچا ٻچي ضرور ايندي!

**جوَهراڻي:** **سنڌين ۾ توهان کي ڪهڙي خوبي نظر اَچي ٿي؟**

**ڪرتار:** Sindhis are very Charitable Community!

ايتري قدر جو سنڌي ماڻهو Population جو ننڍو حصو آهن، پوءِ به خود ٽيگور جي ’شانتي نڪيتن‘ برپا ڪرڻ ۾ پڻ سنڌين جو وڏو هٿ رهيو آهي. نيتاجي سڀاش چندر بوس کي به ڪيترن سنڌين ٿي سنگاپور ۽ هانگ ڪانگ ۾ پيسا گڏ ڪري ڏنا هئا.

**جوَهراڻي:** **هڪ پرسنل سوال! توهان جي ڀاءُ گلوُ لالواڻيءَ جو پرنسيس ڊائنا سان ڪهڙو سنبنڌ هئو؟**

**ڪرتار:** ها! پرنسيس ڊائنا جِي آخري ڏيڍ سال کن منهنجي ڀاءُ سان ڏاڍي سٺي دوستي رهي! هوءَ پڇاڙيءَ جو مصر جي هڪ شخص ڊوڊيءَ سان سفر ڪندي Accident ۾ گذاري ويئي! اُهو ساٿس صرف ڇهه هفتا گڏ هئو. خود ان کان پنج ڇهه هفتا اَڳ به هوءَ گلوءَ سان گڏ هئي. سڄي اِنگلنڊ جي اخبارن ۾ هنن جي دوستيءَ جو ذڪر ايندو رهندو هو. هوءَ گلوءَ جي گهر ۾ گلوءَ جي ٻارن سان به هريل مريل هوندي هئي!

**جوَهراڻي:** **Queen Elizabeth سان به اَوهان جي پريوار جو شايد نزديڪي سنبنڌ رهيو آهي!**

**ڪرتار:** ها ! راڻي ۽ اُن جو گهوٽ Duke of Edinburgh توڙي Prince Charles اَسين گڏبا رهندا آهيون! ڪيترا ڀيرا راڻيءَ جي محل ۾ Dinner Meetings ٿينديون رهنديون هيون! اڄين اَچڻ وڃڻ ٿيندو رهندو آهي!

**جوَهراڻي:** **توهان اَسان کي وقت ڏنو، ان لاءِ اَوهان جي ڏاڍي مهرباني!**

**ڪرتار:** رام! مان توهان جو ٿورائتو آهيان، جو مون کي دل اورڻ جو هيءُ وجهه ڏنو اَٿوَ!

Thank You very much!